# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1978

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1978

# سنڌ فنانس آرڊيننس، 1978

# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1978

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 3_A جي ترميم

Amendment of Section 3_A of West Pakistan Act V of 1958

3. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 of West Pakistan Act V of 1958

# سنڌ آرڊيننس نمبر IX مجريہ 1978

# SINDH ORDINANCE NO.IX OF 1978

# سنڌ فنانس آرڊيننس، 1978

# THE SINDH FINANCE ORDINANCE, 1978

[29 جون 1978]

آرڊيننس جنهن ذريعي حڪومت ۽ مڪاني ادارن وچ ۾ ملڪيت تي ٽيڪس جي ورهاست لاءِ گنجائشون جوڙيون ويندڀون ۽ شهري ملڪيت وارن مالڪن کي سهولتون فراهم ڪيون وينديون.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ حڪومت ۽ مڪاني ادارن وچ ۾ ملڪيت تي ٽيڪس جي ورهاست لاءِ گنجائشون جوڙڻ ۽ شهري ملڪيت مالڪن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، 5 جولاءِ 1977 جي اعلان موجب، قانون (نافذ هئڻ وارو تسلسل) حڪم، 1977 جي روشني ۾، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ فنانس آرڊيننس، 1978 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| Short title and commencement | (2) هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 1978 کان لاڳو ٿيندو. |
| 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 3_A جي ترميم<br>Amendment of Section 3_A of West Pakistan Act V of 1958 | 2. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3_A ۾، انگن "3:2" لاءِ انگن "1:1" کي متبادل بڻايو ويندو. |
| 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 4 جي ترميم<br>Amendment of Section 4 of West Pakistan Act V of 1958 | 3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي شق (c) ۾، ذيلي شق (ii) لاءِ هيٺين ذيلي شق کي متبادل بڻايو ويندو:<br>"(ii) عمارت، جيڪا رهائشي مقصد لاءِ استعمال ٿئي ٿي، جنهن جي ڍڪيل ايراضي ڇهہ سئو چورس فٽ کان وڌيڪ نہ هوندي، جيڪا هڪ اهڙي پلاٽ تي تعمير ٿيل هوندي، جيڪو هڪ سئو چورس گز کان وڌيڪ نہ هوندو. |

**نوٽ:_ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**